# ڀڳت سنگھ کي ڦاسي

اياز علي چانڊيو

---

ڀڳت سنگھ جو ذڪر، انهن سياسي حالتن ۽ واقعن ڪانسواءِ اڌورو ٿيندو، جن اپکنڊ ۾ اهڙن آزادي جي اپاسڪن کي جنم ڏنو. جڏهن ڀڳت سنگھ هوش سنڀاليو هوندو ۽ شعور وارو ٿيو هوندو ته ملڪ ۾ اڃا پهرين ”16 ـ 1915ع واري لاهور سازش ڪيس“ جو چوٻول هوندو، جنهن ۾ غدر پارٽيءَ جي سردار ڪرتار سنگھ، سبحان سنگھ، روڙ سنگھ ۽ پرٿوي سنگھ وارن کي ان ڏوھ ۾ گرفتار ڪري، مٿن مقدمو هلايو ويو ته هنن هٿياربند انقلاب رستي، هندستان مان برطانوي حڪومت جي پاڙ پٽڻ پئي چاهي، ان ڪيس ۽ ان ۾ ملوث جوابدارن ڀڳت سنگھ تي گهڻو اثر وڌو.

ملڪ ۽ عوام مان پهرين ”لاهور سازش ڪيس“ جا اثر اڃا ضايع ئي ڪين ٿيا هئا، جو سياسي ڪيتر ۾ ”رولٽ ايڪٽ“ جا هنگاما ۽ هڙتالون شروع ٿيون. اهڙن ئي احتجاجن دوران هڪ ڏينهن، 10 اپريل 1919ع تي، پوليس تشدد جي موٽ ۾، هڙتالي هجوم هٿان هڪ انگريز جوڙو قتل ٿي ويو. ان واقعي امرتسر ۾ پنجاب جي ليفٽيننٽ گورنر جنرل رچرڊ او ڊاير جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ کي ڀڙڪائي وڌو. هن هڪ منافق هندو هنسراج سان سازباز ڪري 13 اپريل تي، امرتسر ۾ مشهور جليان والا باغ وارو قتل عام ڪرايو، جنهن ۾ بي هٿيار ۽ ابوجهه ٿي سؤ شهري فوجي ۽ پوليس وارا رائفلن جي گولين جو بک ٿيا. ان واقعي ساري هندستان ۾ عام طرح ۽ پنجاب جي علائقن ۾ خاص طرح نوجوان شعور ۽ ذهن کي ڌوڏي ڌونڌاڙي ڇڏيو، خاص ڪري انقلابي سوچ رکندڙ نوجوانن جي ذهن ۾ زلزلو اچي ويو.

هي اهو وقت هو، جڏهن عظيم روسي انقلاب ڪانپوءِ اتي سوشلزم جو ڪامياب تجربو ٿي رهيو هو. اپکنڊ جو نوجوان به ان نئين فڪر جي عالمي لهر

جو حصو ٿي چڪو هو. انگريزن جي تشدد وارين پاليسين ۽ ڪانگريس ۾ قوت ۽ ان جي ٻن حصن يا ڌڙن ۾ ورهائجي وڃڻ سبب، سياسي سرگرميون نہ هئڻ برابر وڃي بچيون هيون. سياسي هلچل ۽ ڳالهہ ٻولهہ رڳو اسمبلين ۾ ۽ اخباري صفحن تي وڃي رهي هئي. عوامي سرگرمي ۽ رابطا ڪونہ رهيا هئا. غدر پارٽيءَ جا سرگرم ڪارڪن، يا سزا ڪاٽي رهيا هئا يا گرفتار ٿي نظربندي ۾ هئا، يا روپوش ٿي چڪا هئا. ساري هندستان تي اهڙي ماٺ طاري ٿي وئي هئي جا ڪنهن بيٺل سينواريل پاڻيءَ جي دٻي تي هوندي آهي، پر ان ماٺ ۾ اندر ئي اندر ڪو لاوو دڪي رهيو هو. روسي انقلاب ڪانپوءِ سوشلسٽ ۽ انقلابي ادب جو ڇڻ سيلاب اچي چڪو هو، مايوس ۽ نراس نوجوان ۽ سياسي ڪارڪن ان نئين سياسي ۽ سماجي فلسفي ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. ان وقت 21 ـ 1920ع ڌاري، هندستان ۾ رڳو گانڌي جي ”سوراج پارٽي“ ئي اهنسا جي اصول تي وڙهي ۽ ڪنجهي رهي هئي، جنهن ۾ نوجوان ۽ جوشيلي ڪارڪن، خاص ڪري سوشلسٽ ۽ انقلابي ادب کان متاثر ٿيل لاءِ، ڪابہ ڪشش ڪانہ هئي. اهو ان اهنسا واري ۽ بورجوا قوم پرست سياست مان مايوس ۽ نااميد ٿي چڪو هو، هو ان ڳالهہ جو قائل ٿي چڪو هو تہ ملڪ دشمن طاقتن جو مقابلو رڳو هٿياربند انقلابي جدوجهد سان ئي ڪري سگهجي ٿو.

لڳ ڀڳ اهو ئي دور آهي، جڏهن ڀڳت سنگهہ سياسي شعور ۽ فڪري بلوغت کي رسي ٿو. هو بہ انهن ئي نظرين ۽ سياسي فلسفن کان متاثر ٿيڻ ڌاران نٿو رهي سگهي. ملڪ جي آزادي لاءِ هٿياربند انقلابي هلچل کي هو اٽٽر ٿو سمجهي. هن پنهنجن ويجهن ۽ گهاٽن ساٿين سان گڏجي ”نوجوان ڀارت سڀا“ نالي هڪ سياسي تنظيم ٺاهي، جنهن جو مقصد هو سوشلزم جي پرچار ڪرڻ، برطانوي راڄ خلاف سڌو قدم (Direct Action) کڻڻ ۽ هٿياربند جٿا قائم ڪرڻ ۽ انهن کي سکيا ڏيڻ، جلد ئي سندس سڀا پنجاب ۾ مقبوليت ۽ مشهوري حاصل ڪري ورتي ۽ نوجوان نسل ان ڏانهن ڇڪجڻ لڳو. پنجابي نوجوان کي سياسي شعور ۽ سمجهہ ڏيڻ ۽ سنئين دڳ سان لائڻ ۾ هن سڀا جو نمايان ڪردار، هڪ تاريخي حقيقت آهي. انهن شروعاتي سياسي زندگي وارن ڏينهن ۾ ڀڳت سنگهہ، ڪجهہ وقت لاءِ سوهن سنگهہ جوش جي سوشلسٽ اخبار ”ڪِرتي“ جي ايڊيٽوريل بورڊ سان بہ منسلڪ رهيو، جنهن سندس سياسي مطالعي سان گڏوگڏ، سياسي ڇيد ۽ ترڪيب کي بہ تيز ڪيو. ان تنظيم ۽ سرگرمين دوران ڀڳت سنگهہ جي

جاڻ سجاڻ، چندر شيکر آزاد، اجي ڪمار گهوش، ڊاڪٽر گيا پرساد، ڪشوري لال ۽ ٻين سان ٿي، جيڪي هندستاني بنيادن تي هڪ تنظيم هلائي رهيا هئا. جنهن جا مول متا ٻه ڀڳت سنگهه جي ”نوجوان ڀارت سڀا“ جهڙا هئا. ڀڳت سنگهه ان ڪل هند جماعت ۾ تن من سان شامل ٿي ويو. هي اهي نوجوان هئا جيڪي هندستان جي بورجوا قوم پرستن جي آزاديءَ جي جنگ / سياست ۽ انهن جي حڪمت عمليءَ کان مايوس ۽ بيزار ٿي چڪا هئا ۽ ڪين سندن نعرن ۽ پروگرام کان ڇڙ ۽ ٻچان پئي آئي. ان ڪري هنن پنهنجي تنظيم هندستان سوشلسٽ ريپبلڪ ائسوسيئيشن (H.S.R.A) ناهي هئي، جنهن جي هٿياربند انقلابي ڌڙي کي هندستان سوشلسٽ ريپبلڪ آرمي ڪوٺيو پئي ويو. هن جماعت جو نصب العين سوشلسٽ اسٽيٽ آف انڊيا هو. آزادي ۽ سوشلزم هنن جو نعرو هو ۽ هٿياربند انقلاب کي هنن آزادي لاءِ وسيلو ٺاهيو هو. آزاد رياست ۽ سماج جي نئين سر اڏاوت لاءِ سوشلزم هنن لاءِ رهنما آدرش هو.

1925ع ۾ هڪ ٻيو ڌماڪو، ميل ڪاڪوري (ريل ڪيرائڻ وارو) واقعو ٿيو. گرفتارين، وٺ پڪڙ ۽ ڇاپن جي آفت اچي ڪڙڪي، تلاشيون، روپوشيون، مطلب ته چئوطرف هراس ۽ خوف جو ماحول ڪڙو ڪيو ويو. (H.S.R.A) هندستان سوشلسٽ ريپبلڪ ايسوسيئيشن جا دفتر ۽ آکاڙا خالي ۽ ويران ٿي ويا. آکاڙا هن جماعت جي هٿياربند ڌڙي جي مرڪز ۽ سکيا گهر هوندا هئا. آکاڙن ۾ هو هٿياربند رضاڪار ڀرتي ڪندا هئا ۽ اتي ئي ڪين تربيت ملندي هئي. سکيا جو مرڪز ۽ هٿيار بارود ساز فئڪٽريون به گهڻو ڪري انهن آکاڙن جي تهخانن ۾ هونديون هيون. سرڪار طرفان گرفتارين ۽ وٺ پڪڙ جي هن مهم، تنظيم کي وڏو ڌڪ رسايو. سال پوءِ 1926ع ۾ روپوش ساٿي، هڪ دفعو وري الله آباد ۾ ڪٺا ٿيا ۽ ڊنل ڪنڊرن تي تنظيم جي نئين عمارت کڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. هن نئين اڏاوت ۾ اجي ڪمار ۽ چندر شيکر آزاد جو رهنما ڪردار هو.

1928ع ۾ لارڊ سائمن جي سربراهي هيٺ ”سائمن ڪميشن“ هندستان پهتي. سارو ملڪ هڪ آواز ٿي هن ڪميشن کي نندڻ لاءِ اٿي کڙو ٿيو. ملڪ ۾ هڙتالن ۽ مظاهرن جو اڻ ڪٽ سلسلو شروع ٿي ويو. جتي به ڪميشن وئي پئي، اتي سندس آجيان ”سائمن موٽي وڃ“ جي نعرن سان پئي ٿي. عدم تعاون (Non-Cooperation) تحريڪ ڪانپوءِ، ايڏو وڏو هيجان ۽ هنگامو هندستان سائمن ڪميشن جي رد عمل ۾ ئي ڏسي رهيو هو. عوام اجهل اٿاهه ساگر جيان اٿلي ڇوليون هڻي

رهيو هو. انهن هنگامن ۾ هڙتالن جي ڏينهن ۾ هڪ خبر هندستان ۾ ڀرندڙ باھ تي پيٽرول وجهي ان کي ڀڙڪائي وئي. خبر هئي: لالا لجپت راءِ جو موت، لاهور ۾ اهڙي هڪ جلوس تي پوليس تشدد ڪيو ۽ لاٺي چارج ڪئي. جلوس جي اڳواڻي لالا لجپت راءِ ڪري رهيو هو. ڪيس ڪافي لٺيون لڳيون، اسپتال ۾ داخل ٿيو، پر بچي نہ سگهيو ۽ چند هفتن بعد گذاري ويو. سندس وفات جي خبر ڀنيڀٽ وانگر سڄي هندستان ۾ ڀڙڪي اٿي. ملڪ ۾ ماتم جي لهر ڇانئجي وئي. ڏک تہ جيڪي ٿيڻو هو سو ٿيو، جو لازمي امر هو، پر ان کان وڌيڪ اگرو رد عمل جو عوام ۾ ٿيو، سو هو نفرت، ڪروڌ، ڪاوڙ انگريزن خلاف ۽ بي وسي پنهنجي حال ۽ ستم ظريفي تي! ڏينهن ڏٺي جو، ڪمال بي حيائيءَ سان، هزارين ديس واسين جي روبرو، ملڪ جي سياسي مدبر، عالمي شهرت واري سرواڻ کي لٺيون هڻي ماريو ويو! اسين ڏسندا رهياسين! پان ڪان ڪجھ بہ نہ ٿيو! ايڏي بي وسي! قانون ۽ انصاف بہ عوام جيان لاچار ۽ بي وس ٿي ويو.

لالا لجپت راءِ جهڙي هر دل عزيز جي اهڙي موت (H.S.R.A) کي شديد رد عمل تي اياريو. هنن پاڻ ۾ گڏجي هٿيارن جي استعمال جو فيصلو ڪيو. ان پروگرام ۾ ڪين پهرين ڪاميابي نومبر 1928ع ۾ پلئہ پئي جڏهن انگريز عملدار ساڊريس کي، لاهور ۾، پوليس هيڊ ڪوارٽر اڳيان، گولي هڻي ماريو ويو. هي اهو پوليس عملدار هو (اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ آف پوليس) جنهن لالا لجپت راءِ واري جلوس تي لاٺي چارج ڪرائي هئي. ماڻهن ۾ هاڪار جا هوڪرا پئجي ويا. عوام رستن تي خوشين وچان نچڻ ۽ ڀنگڙا وجهڻ لڳو. سڄو ملڪ ڌونڌاڙجي ويو. هٿياربند جدوجهد جو پهريون قدم سوڀارو ۽ سرهائي وارو ٿيو. اهڙي طرح ڊسمبر 1928ع ڌاري ملڪ جون ڪيتريون ئي نوجوان سڀائون (تنظيمون) سامراج خلاف هٿياربند جدوجهد لاءِ سهي سنيري ميدان ۾ آيون. ماڻ ۽ سانت ٽٽڻ لڳي. بينل پاٽي وري وهڻ شروع ٿي چڪو هو. (H.S.R.A) انهن نوجوانن کي هٿيار هلائڻ جي سکيا ڏيڻ شروع ڪئي. سکيا ۾ ريوالور ۽ پستول هلائڻ، بم ٺاهڻ ۽ استعمال ڪرڻ شامل هوندو هو.

اپريل 1929ع ۾ ملڪ اندر ڪميونسٽن ۽ ٽريڊ يونين ليڊرن جون وڏي پئماني تي گرفتاريون ٿيون. ڀڳت سنگھ ۽ سندس ساٿي، هن مهل تائين نہ رڳو مارڪسوادي رهنمائن سان گهرا ناتا بہ قائم ڪري چڪا هئا، هو انهن ڪميونسٽن سان اتحاد ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ رٿائون رٿي رهيا هئا. هنن چاهيو پئي تہ ڪميونسٽ

عوام الناس سان ربطو ڪن ۽ انهن ۾ ڪم ڪن تہ (H.S.R.A) ان جو هٿياربند جٿو ٿي ڪم ڪري، پر هڪ اختلاف اجا انهن جي اتحاد ۾ رڪاوٽ هو. ڪميونسٽن هٿياربند هلچل کي تحريڪ لاءِ هاڃيڪار پئي سمجهيو، ۽ (H.S.R.A) وري هٿياربند جدوجهد ڪانسواءِ انقلاب کي بي معنيٰ ۽ فضول پئي سمجهيو. نہ تہ ٻنهي ۾ ڪيترن ئي مسئلن ۽ معاملن تي هم خيالي ۽ اتفاق هو، جهڙوڪ سامراج خلاف نفرت، دستورسازي يا آئيني جدوجهد جي مخالفت، سامراج ۽ حڪومت جي سڌي قدم سام مخالفت ۽ مزاحمت ۽ سوشلزم کي سماج جي ڍانچي جو بنياد بنائڻ وغيره. ان ڪري ڀڳت سنگھ وارن ۽ سندن پارٽي، ڪميونسٽن خلاف قدم کي بہ پنهنجي خلاف حملو ۽ هلان سمجهيو، ڇو تہ هنن جي خيال ۾ اها انقلابين خلاف سازش هئي. جنهن رستي سرڪار قوم ۽ عوام ۾ خوف ۽ ڀؤ پيدا ڪرڻ پئي چاهيو. هنن موٽ ۾ رد عمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ رد عمل ڪري ڏيکاريو. گرفتارين جي سلسلي کان چند ڏينهن پوءِ مرڪزي اسيمبلي ۾ سرڪاري بئنچن وٽ بم ڦاٽو. هي ڌماڪو عين ان وقت ٿيو، جنهن وقت اسمبليءَ اجا ٽريڊ ڊسپيوٽ بل، پاس ڪري پورو مس ڪيو. هي بل پورهيت ۽ مزدور طبقي جي مفادن خلاف هڪ خطرناڪ سازش هو. ڀڳت سنگھ ۽ سندس هڪ ساٿي دت ٽڏي تي ئي پڪڙجي پيا. ٻنهي تي ڪيس هليو، ٻنهي ڏوھ قبول ڪيو. پر ان ڪيس کي سياسي پرچار لاءِ ڪتب آندو. هنن بيان ۾ چيو تہ هنن اهو ڪم برابر ڪيو هو، پر ائين ڪرڻ لاءِ هو مجبور هئا، ڇو جو برطانيا سرڪار ۽ سندس هندستاني سرڪار ملڪ ۾ اهڙيون سياسي حالتون پيدا ڪري رهي هئي، جو هنن وٽ ائين ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو رستو ڪين هو. ڪيس جي پوري ٿيڻ تي ٻنهي کي جنم ٽيپ جي سزا ملي.

بم ڪيس جي ڪاروائي پوري ٿيڻ کان سنت ئي پوءِ لاهور ۾ (H.S.R.A) جي بم ساز فئڪٽري جو ڦاٽ ڦاٽي پيو. سکديو، ڪشوري لال ۽ ٻيا سرزمين تان پڪڙيا ويا، جئہ پال ۽ پوءِ هنسراج روهڙا ساٿين خلاف شاهدي ڏني، جنهن بنياد تي سڄي هندستان مان گرفتاريون ٿيون ۽ ڇاپا لڳا. گهڻا سرگرم ڪارڪن، پنجاب، يوپي ۽ بهار مان گرفتار ٿي ويا. ڪي روپوش ٿي ويا ۽ گهڻا لاتعلق ٿي رٽائر ڪري ويا. انهن حالتن لڳ ڀڳ جماعت کي مايوسيءَ، نااميديءَ ۽ فراريت جي جهولي ۾ وجي ڦٽو ڪيو. ائين پئي لڳو ڄڻ کيل ختم ٿي چڪو هو. ان نراسائيءَ ۽ مايوسيءَ جو مکيہ سبب اهو هو تہ سندن ست ساٿي، جن مان بہ

مرڪزي ڪميٽيءَ جا ميمبر هئا، پوليس جي دٻاءَ، تشدد، اذيت ۽ لالچ لوڀ ۾ اچي مٿن سلطاني شاهد (Approver) ٿيا هئا. 13 جولاءِ تي 13 جوابدارن کي هڪ مئجسٽريٽ آڏو 1929ع واري لاهور سازش ڪيس ۾ چالان ڪيو ويو. اڳ ئي سزا ڪاٽيندڙ ڀڳت سنگهه ۽ دت کي به هن ڪيس ۾ جوابدار ڪري پيش ڪيو ويو. ٽن ڏينهن تائين جوابدار ڪيس جي معاملي ۾ غير سنجيده رهيا. ان بعد هنن پاڻ ۾ بچاءَ لاءِ صلاح مشورو شروع ڪيو. ان وچ ۾ پوليس جي تشدد، جيل وارن جي ناروا سلوڪ ۽ جيل ۾ قانوني سهولتن کان انڪار سبب هنن اندر جيل ۾ بک هڙتال شروع ڪئي. اها تاريخي بک هڙتال 63 ڏينهن هلي. هنن جي بک هڙتال ٽوڙائڻ لاءِ سرڪار ڪيئي جتن ڪيا، پر سڀ ڪامريڊ اٽل رهيا. سندن ان بک هڙتال ۾ غدر پارٽيءَ جو، ۽ پهرئين لاهور سازش ڪيس جو سزايافته سوهن سنگهه به قيدين جي حقن خاطر اچي شامل ٿيو. نيٺ قربانين رنگ لاتو، جيل جي حالتن جي جائزي وٺڻ لاءِ هڪ جاچ ڪميٽي ٺاهي وئي، انهي ڪميٽي سندن مطالبن جي تائيد ۾ رپورٽ پيش ڪئي. جنهن وقت جيتن داس (بک هڙتال ۾ شهيد ڪارڪن) جو مئل شرير جيل کان ٻاهر وڃي رهيو هو ته جيل سپرنٽينڊنٽ هئملٽن هارڊنگ ڪيس جهڪي سلام ڪيو ۽ سندس عظمت آڏو ڪنڌ نوايو پر برطانيا سرڪار ان اڏول انسان کي جهڪائي نه سگهي، جنهن اصولن خاطر جان ڏني.

ڪيس جي بچاءَ لاءِ صلاح مشوري ۽ بحث مباحثي ۾ ڀڳت سنگهه رهنما ڪردار ادا ڪندو رهيو. اهو بچاءُ هنن قانون يا انصاف جي لحاظ کان نه پئي ورتو. هنن ڄاتو پئي ته سامراجي قوت وٽ قانون ۽ انصاف جا ٻنا ماڻ ۽ رخ هوندا آهن، پنهنجي ملڪ لاءِ هڪڙا ته ٻينڪن لاءِ ٻيا، هنن کي فيصلي جي خبر هئي. هنن بچاءَ ۽ بک هڙتال رستي رڳو پنهنجي سياسي پرچار جو مقصد پئي ماڻڻ چاهيو. هنن برطانوي قانون ۽ انصاف جا پول پڌرا ڪرڻ پئي چاهيا. ان رستي ڪيس جي ڪاروائي کي سياسي مقصدن ۽ انقلابي لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ پئي چاهيو. هنن ڪورٽ ۾ برطانوي سرشتي خلاف نفرت ۽ ان جي عدالت خلاف ڌڪار ڏيکاري، ان جي حڪم عدولي ڪري، پنهنجا اهي مطلب ماڻڻ پئي چاهيا ۽ ماڻيا. هنن انهي ڪري اهي مقصد به ماڻڻ پئي چاهيا ته دونهون دکندو رهي. ٻاهه اجهامي رک نه ٿئي ۽ ماڻهن ۾ جوش ولولو قائم دائم رهي.

كيس هلندي بہ هنن ساڳي ئي روش اختيار ڪئي. يعني وڌ ۾ وڌ صورتحال کي سياسي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ ان مان سياسي، انقلابي لاڀ ماڻڻ، ڪين ان ڏس ۾ بي پناھ ڪاميابي ملي، جنهن برطانوي سرڪار کي ڪاوڙائي ڇڏيو. هنن جوابدارن کي جسماني تشدد ۽ ذهني پيڙائن رستي پيچي پورا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ويا. هو ڪڏهن بہ، ڪنهن آفيسر تہ ڇا پر عدالت آڏو بہ نہ جهڪيا. ان ڪري گهڻو ڪري هر حاضريءَ تي ڪورٽ ۾ اندر ۽ ٻاهر پوليس سان منهن ماري ٿيندي رهندي هئي ۽ نتيجي ۾ ڏکيون ڏکيون التوئ جون تاريخون پونديون هيون، جنهن مان جوابدار وڏيڪ سياسي لاڀ حاصل ڪندا هئا ۽ عوام ۾ هنن لاءِ وڌيڪ همدرديون پيدا ٿينديون هيون ۽ سرڪار ۽ سامراج وڌيڪ ذليل ۽ خوار ٿيندو هو.

كيس ڪِول جيان، گهل سان نوَ (9) مهينا هليو. ان عرصي ۾ رڳو سرڪاري شاهدن جا بيان ٿي سگهيا. نيٺ سرڪار پنهنجا غيرانساني ۽ غيراخلاقي حربا استعمال ڪيا. هندستان جي وائسراءِ ”لاهور سازش ڪيس بابت 1930ع وارو اسپيشل آرڊر“ جاري ڪيو. ان آرڊر هيٺ مقدمو مئجسٽريٽ جي عدالت مان ڪڍي هڪ خاص جوڙيل ٽربيونل جي حوالي ڪيو ويو. هنگامي حالتن ۽ امن امان جي صورتحال جو بهانو ڪري ان آرڊر ۾ بہ عجيب و غريب ڳالهيون رکيون ويون. (1) ڪيس هلائڻ لاءِ جوابدارن يا سندن وڪيلن جي ڪورٽ ۾ موجودگي ضروري نہ هئي (2) جوابدارن کي بچاءَ وٺڻ جو حق بہ ڪورٽ جي مرضي تي هو. ٽربيونل کي موت تائين سزا ڏيڻ جو اختيار هو. ان جي فيصلي خلاف ڪابہ اپيل نہ پئي ٿي سگهي. ان ساري ناٽڪ جو مقصد صاف ۽ واضح هو. يعني جوابدارن جي سياسي مقصد ماڻڻ جي ڪوشش کي ختم ڪري سگهجي ۽ جوابدارن کي ڪيئن بہ سزا ملڻ گهرجي، جنهن جا مئجسٽريٽ جي جي عدالت ۾ امڪان گهٽ هئا، ڇو تہ پوليس عملدار بيان ۾ ڀڳت سنگھ کي ڪورٽ آڏو سجاڻڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ سلطاني شاهدن مان بہ بہ ڦري ويا هئا. جوابدار ڪورٽ آڏو ايندي يا ڪورٽ ۾ سياسي نعرا ۽ جملا استعمال ڪندا هئا، اهو ڊرامو ٽربيونل آڏو بہ پنج مهينا هلندو رهيو. فتوئ نهي پئي هئي. آڪٽوبر 1930ع ۾ رڳو ٻڌائي وئي. راج گرو، سکديو ۽ ڀڳت سنگھ کي ڦاسيءَ جي سزا ملي، ستن ڄڻن کي جنم ٽيپ لڳي، ٻن ڄڻن کي مختلف عرصي جون سزائون مليون ۽ اجي ڪمار گهوش کي ثابتي نہ هئڻ جي بنياد تي ڇڏي ڏنو ويو. سڄي هندستان ۾

”ڀڳت سنگهه زنده آباد“ جو نعرو گونجي ويو. هن جي شروع ڪيل ”انقلاب زنده آباد“ جي نعري، قومي تحريڪ کي وطن دوست انقلابي تحريڪ جو روپ ڏنو. هندستان جي هممعصر تاريخ ۾ چند اهڙا ڪيس ٿيا آهن، جن ۾ لاهور سازش ڪيس جيان آخر تائين عوام جي دلچسپي ۽ اوسيئڙو رهيو آهي ۽ سارو وقت عوام جي ڌيان جو مرڪز رهيا آهن. ڀڳت سنگهه اڄ صديءَ تائين ڪيترن قصن، ڪهاڻين ۽ ٽوٽڪن جو سورمو يا نائڪ رهيو.

ڪانگريس ۽ سرڪار ۾ ناهه ٿي رهيو هو. سڀ کي اها توقع هئي ته ناهه جو هڪ شرط لاهور سازش ڪيس جا قيدي به هوندو. موت بجاءِ سزا جنم ٽيپ ڪئي ويندي پر ائين نه ٿيو. جيئن جو هي جوڌا اهنسا وارا نه هئا ۽ ڪانگريس گانڌي جي اهنسا واري اصول تي ڪارفرما هئي. هي وطن دوست انقلابي هئا. 1931ع ۾ ڪراچي ۾ ڪانگريس جو اجلاس ٿيو ته اتي به ڪن اهو سوال اٿارڻ چاهيو، اهي خاص ڪري اجي ڪمار گهوش ۽ سر ڊيسائيءَ، جيڪي ڪابه ڊر سان واسطو رکندڙ هئا. اجي ڪمار گهوش ۽ سر ڊيسائي ڪانگريس ۽ برطانيا سرڪار جي پئڪٽ تي ڳالهايو پر ٻن جو آواز ڇا ٿو ڪري سگهي. نيڪ ان اجلاس جي ڪاروائي هلڻ واري ڏينهن ۾ ڀڳت سنگهه ۽ سندس ساٿين کي لاهور جيل ۾ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. ان وقت سندس عمر 24 سال هئي. سندس شهادت تي سارو هندستان رنو هو. نئين هندستان جو اتساهه جوش ۽ ولولو! جنهن ملڪ مان سامراجي اقتدار ختم ڪري هڪ آزاد جمهوري سوشلسٽ رياست قائم ڪرڻ پئي چاهي! ڪروڙين هند واسين جي سپنن کي ساڀيان جو روپ ڏيڻ پئي چاهيو!!

لاهور ڪيس جي سزا ڪانپوءِ (H.S.R.A) گهٽو پوئتي پئجي وئي. باقي ڪسر چندر شيکر آزاد جي موت پوري ڪئي، جنهن (H.S.R.A) کي ڪاپاري ڌڪ رسايو. ان بعد هي تنظيم وري سنئين لڱين نه ٿي. اجي ڪمار گهوش ڪيس پوري ٿيڻ بعد ستت ئي وڃي ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا ۾ شريڪ ٿيو. جن ستن ساٿين کي جنم ٽيپ لڳي هئي، تن کي انڊمان نڪوبار ٻيٽن ڏانهن اماڻيو ويو، جيڪو علائقو تن ڏينهن ۾ ”ڪارو پاڻي“ سڏبو هو. انڊمان جي ڇٽن قيدين سزا هلندي ئي ڪميونسٽ پارٽي ۾ شرڪت ڪئي. جن جا نالا آهن، ڪشوري لال، جئه ديو، يشيو ورما ۽ ڊاڪٽر گيا پرساد، انهن سڀني شدت سان اهو محسوس ڪيو ته سماجوادي انقلابي راهه عمل کان سواءِ ٻيو ڪوبه رستو هند جي عوام جي نجات ۽ ڇوٽڪاري لاءِ مناسب نه هو.

ڀڳت سنگھ ۽ سندس ساٿين ۽ تنظيم جو هندستان جي سياسي تاريخ ۾ اهو ڪردار رهيو، هنن نوجوانن جي ذهن ۾ مانڌاڻ مچايو ۽ سماجوادي انقلابي راهه عمل لاءِ رستو ناهيو. (H.S.R.A) آهستي آهستي ختم ٿي وئي، ڇاڪاڻ ته ان جون پاڙون عوام جي وسيع حلقي ۾ هجڻ بجاءِ چند فردن تي مشتمل هيون.

●●●

سنڌي عوامي برقي - ڪتاب
Sindhi Awami e-Books